SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 1994
# SINDH ACT NO.XI OF 1994
# ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، مجريه 1993
# THE MALIR DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1993

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اٿارٽي ۽ ان جي هيئت
Authority and its incorporation

4. غير سرڪاري ميمبرن جي لاءِ اعزازيو ۽ سهولتون
Remuneration and Privileges on_official members

5. ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ڪم
Appointment and duties of the Director General

6. اٿارٽيءَ جا عملدار ۽ ٻيو عملو
Officers and other staff of the Authority

7. اٿارٽيءَ جا ڪم
Functions of the Authority

8. اٿارٽيءَ جو اجلاس
Meeting of the Authority

9. ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Committee
10. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers
11. ايجنسي ٺاهڻ
Establishment of Agency
12. مينجنگ ڊائريڪٽر جي مقرري ۽ اختيار
Appointment and powers of Managing Director
13. ڪنٽرول هيٺ ورتل ايراضيءَ بابت پڌرائي
Declaration of controlled Area
14. عمارتن کي ٺاهڻ ۽ نئين سر تعمير ڪرڻ
Erection or re_erection of buildings
15. اهم پروگرام
Master Programmes
16. اسڪيمون
Schemes
17. اسڪيمن کي شايع ڪرائڻ
Publication of Schemes
18. اسڪيمن جي منظوري
Sanction of schemes
19. ڪجهه اسڪيمن کي اٿارٽيءَ طرف منتقل ڪرڻ ۽ حوالي ڪرڻ
Transfer and entrustment of various schemes to the Authority
20. اٿارٽيءَ پاران اسڪيمون حوالي ڪرڻ
Entrustment of schemes by the Authority
21. اسڪيمن جي ڦيرگهير

Alteration of Schemes

22. لوڪل ڪائونسل گورنمينٽ ايجنسي کي هدايتون ڏيڻ جو اٿارٽيءَ کي اختيار

Power of Authority to issue directions to Government agency local Council etc

23. اسڪيم جا فنڊ

Funds of Scheme

24. اسڪيمن کي عوامي مقصدن جي لاءِ سمجهڻ

Schemes to be deemed for public purposes

25. بهتري جي لاءِ فيس

Betterment fee

26. عمارت کي ڊاهڻ يا ختم ڪرڻ

Removal of demolition of building

27. حددخليون هٽائڻ

Removal of encroachments

28. کليل حصا ۽ روڊ قبضي ۾ وٺڻ

Taking over of streets, open spaces, etc

29. اٿارٽيءَ کي لوڪل ڪائونسل جو ڪم ڪرڻ جو اختيار جو هوندو

Authority competent to exercise functions of a local council

30. ملڪيت جي خريداري، ليز يا ڏي وٺ

Purchase, lease or exchange of property

31. زمين حاصل ڪرڻ

Acquisition of land

32. اٿارٽيءَ جا فنڊ

Fund of the Authority

33. فنڊن جو استعمال

Utilization of Funds

34. قرض لاهڻ جي لاءِ مختص ڪيل فنڊ

Sinking Fund

35. بجيٽ

Budget

36. حساب ڪتاب رکڻ

Maintainance of Accounts

37. ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪندي جڳهه ٺاهڻ ۽ استعمال ڪرڻ

Erection construction of or use of building etc. in contravention of Act

38. ٻين مقصدن جي لاءِ ملڪيت جي تبديلي

Conversion of property to different use

39. چيئرمين ۽ ميمبر سرڪاري ملازم هوندا

Chairman, members etc. to be public servants

40. سرگرمين جي رپورٽ

Report of activities

41. ڪائونسل جي ذميواري

Liability of Council

42. ڪرايو يا مرجي وصولي

Collection of rents or royalties

43. رهتن جي وصولي

Recovery of dues

44. دائره اختيار تي پابندي

Jurisdiction barred

.45 ضمانت
Indemnity
.46 گنجائشن کي ترجيح
Overriding Provisions
.47 قاعدن ناهڻ جو اختيار
Power to make rules
.48 ضابطن ناهڻ جو اختيار
Power to make Regulations
.49 اٿارٽيءَ ٽوڙڻ
Dissolution of Authority
.50 ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر 1957 جو لاڳو ٿيڻ
Application of the Karachi Development Authority Order 1957
.51 سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريه 1993 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XXIV of 1993

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1994
# SINDH ACT NO.XI OF 1994
# ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، مجريہ 1993
# THE MALIR DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1993

[11 اپريل 1994 ]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي ڪراچي ڊويزن جي ڪجھ ايراضي ڪي ترقي ڏيارڻ ۽ اتان جي ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن ڪي سنوارڻ وارن مقصدن جي لاءِ اٿارٽي قائم ڪرڻ آهي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ڊويزن جي ڪجھ ايراضين ڪي ترقي ڏيارڻ ۽ اتان جي ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن ڪي سنوارڻ ضروري ٿي پيو آهي تہ هن مقصد جي لاءِ هڪ اٿارٽي ڪئي وڃي؛

جنهن جي لاءِ ايڪٽ ڪي هن طرح سان ٺاهيو ۽ نافذ ڪيو ويندو:

باب_I

شروعاتي

PRELIMINARY

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ ڪي ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي، ايڪٽ، 1993 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ شيڊول ۾ بيان ڪيل ڪراچي ڊويزن جي ايراضي ۾ نافذ هوندو ۽ حڪومت وقتن بوقتن

سرڪاري وضاحت (نوٽيفڪيشن) جي ذريعي شيڊول ۾ تبديلي آڻي ايراضي کي وڌائي سگهجي ٿو.
(3) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. جيستائين مضمون ۾ موضوع جي منحرف نه هجن ته پوءِ:

(a) ”ايجنسي“ مان مراد اها ايجنسي جيڪا هن ايڪٽ جي دفعه 12 جي مطابق قائم ڪئي وئي هجي؛
(b) ”حد“ مان مراد اها ايراضي جيڪا دفعه 1جي ذيلي دفعه (2) ۾ بيان ڪئي وئي هجي؛
(c) ”اٿارٽي“ مان مراد دفعه 3 جي تحت قائم ڪيل ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي؛
(d) ”بهتري واري فيس“ مان مراد اها فيس جيڪا دفعه 26 جي تحت لاڳو ڪئي وئي هجي؛
(e) ”بجيٽ“ مان مراد اٿارٽيءَ جي سالياني آمدني ۽ روانگي سرڪاري بيان؛
(f) ”چيئرمين“ مان مراد اٿارٽيءَ جو چيئرمين؛
(g) ”سارسنڀال لاءِ مليل ايراضي“ مان مراد دفعه 14 جي تحت قبضي ۾ مليل ايراضي؛
(h) ”ڊائريڪٽر جنرل“ مان مراد دفعه 6 جي تحت مقرر ڪيل اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل؛
(i) ”فنڊ“ مان مراد آهي اٿارٽيءَ جو فنڊ؛
(j) ”حڪومت“ مان مراد آهي سنڌ سرڪار؛
(k) ”زمين“ ۾ شامل آهي ڌرتي، پاڻي، هوا، پوءِ پلي اها زمين جي مٿين سطح تي هجي يا هيٺ هجي، يا جيڪو ڪجهه زمين بابت هجي يا

دائمي طور تي اها هن زمين بابت هجي؛

(l) ”ماسٽر پروگرام“ مان مراد آهي، اهو پروگرام جيڪو دفعہ 16 جي تحت تيار ڪيو ويو هجي؛

(m) ”ميمبر“ مان مراد آهي هن اٿارٽيءَ جو ميمبر؛

(n) ”بيان ڪيو ويو“ مان مراد آهي جيئن هن ايڪٽ جي قاعدن ۽ قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(o) ”قاعدا ۽ قانون“ مان مراد آهي اها قاعدا ۽ قانون جيڪي هن ايڪٽ جي مطابق ٺاهيا ويا هجن؛

(p) ”اسڪيم“ مان مراد آهي اهو اسڪيم جيڪا هن ايڪٽ جي تحت تيار ڪئي وئي عمل ۾ آندي وئي هجي يا جنهن تي عمل ۾ ڪيو وڃي؛

(q) ”شيڊول“ مان مراد آهي هن ايڪٽ جي مطابق ٺاهيل شيڊول؛

(r) ”خدمت جو علائقو“ مان مراد آهي اهو شهري علائقو جنهن جي دفعہ 12 جي تحت اٿارٽيءَ ظاهر ڪيو ويو هجي؛

(s) ”شهري علائقو“ مان مراد آهي اهو علائقو جيڪو شهر يا ميونسپل يا ٽائون جي حدن ۾ ايندو هجي، ۽ ان ۾ اهڙو علائقو بہ شامل هجي جنهن جي حڪومت هن ايڪٽ تحت ظاهر ڪئي وئي هجي؛

## باب_ II

## اٿارٽيءَ جو قيام ۽ ڪم

## CONSTITUTION AND FUNCTIONS OF THE AUTHORITY

اٿارٽي ۽ ان جي هيت
Authority and its incorporation

3. (1) هن ايڪٽ جي مقصدن جي حاصلات جي لاءِ ايڪ اٿارٽيءَ قائم ڪئي ويندي، جنهن کي ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) هيءَ اٿارٽي اهڙي باڊي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي موروثيت جو حق هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن جي مطابق، اختيار سان پنهنجي عام مهر هوندي، منقولا ۽ غير منقولا ملڪيت رکڻ، خريد ڪرڻ يا وڪرو ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ پنهنجي نالي سان ڪيس داخل ڪرائي سگهي يا ان تي ڪيس ڪري سگهجي ٿو.

(3) اٿارٽيءَ جي مرڪزي آفيس ڪراچي ۾ هوندي يا ڪنهن اهڙي هنڌ تي جتي حڪومت پنهنجي نوٽيفڪيشن جي ذريعي متعين ڪري.

4. اٿارٽي مشتمل هوندي:_

| | | |
|---|---|---|
| (a) | چيئرمين. | |
| (b) | صوبائي اسيمبليءَ جو اهو ميمبر جيڪو هن علائقي جو هجي. | ميمبر |
| (c) | يونين ڪائونسل جي چيئرمينن جي چونڊيل ڪنهن يونين ڪائونسل جو چيئرمين. | ميمبر |
| (d) | ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪراچي جو چيئرمين. | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| (e) | ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪراچي جي چونڊيل علائقن جي مهاڻن جو نمائندو. | ميمبر |
| (f) | ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪراچي جي چونڊيل علائقي جو آبادگار نمائندو. | ميمبر |
| (g) | ايگريڪلچرل پروڊيوس مارڪيٽ ايڪٽ, مجريہ 1939 جي تحت قائم ڪئي وئي. | ميمبر |
| (h) | ڪراچي اليڪٽرڪ سپلائي ڪارپوريشن جو مئنجينگ ڊائريڪٽر. | ميمبر |
| (i) | ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جو مئنجينگ ڊائريڪٽر. | ميمبر |
| (j) | لائيو اسٽاڪ, سنڌ حڪومت جو ڊائريڪٽر جنرل, جيڪو BPS-19 کان گهٽ نہ هجي. | ميمبر |
| (k) | ايگريڪلچرل ايڪسٽينشن سنڌ حڪومت جو ڊائريڪٽر جيڪو BPS-19 کان گهٽ نہ هجي. | ميمبر |
| (l) | تعليم کاتي, گورنمينٽ آف سنڌ جو چونڊيل نمائندو جيڪو BPS-19 کان گهٽ نہ هجي. | ميمبر |
| (m) | ڊسٽرڪٽ ملير جو ڊپٽي ڪمشنر | ميمبر |
| (n) | ڊائريڪٽر جنرل | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| (o) | ڪو اهڙو سرڪاري يا غير سرڪاري ماڻهو جنهن کي وقت بوقت حڪومت چونڊيندي رهي. | ميمبر |

(2) چيئرمين کي حڪومت مقرر ڪندي جيڪو ٽن سالن تائين عهدو رکندو. جيستائين هو پاڻ استعيفيٰ ڏئي يا پهريان ان کي هٽايو وڃي.

(3) غير سرڪاري ميمبر ٽن سالن تائين ميمبر رهندو جيستائين هو پاڻ استعيفيٰ ڏئي يا پهريان هن کي هٽايو وڃي.

(4) غير سرڪاري ميمبر، ڪنهن به وقت، سرڪار کي پنهنجي هٿن سان عرضي لکي پنهنجي ميمبرشپ تان مستعفي ٿي سگهي ٿو ۽ ان جي استعيفيٰ هن تاريخ کان موثر هوندي جنهن تاريخ تي اها قبول ڪئي ويندي.

(5) جيڪڏهن ڪنهن غير سرڪاري ميمبر جو عهدو وقتي طور تي خالي ٿي وڃي ٿو ته ان کي هن ايڪٽ جي ذيلي (1) جي تحت پريو ويندو ۽ نئون مقرر ڪيل ميمبر باقي رهيو عرصو عهدو رکي سگهندو.

غير سرڪاري ميمبرن جي لاءِ اعزاز ۽ سهولتون
Remuneration and Privileges on_ official members

5. غير سرڪاري ميمبر اهو ئي اعزازيه فيس، ۽ الائونس، مراعتون حاصل ڪندا، جنهن حڪومت طئي ڪندي

ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ڪم

6. (1) ڊائريڪٽر جنرل انهن شرطن ۽ ضابطن تي مقرر ڪيو ويندو جيڪي حڪومت طئي ڪندي.

| | |
|---|---|
| Appointment and duties of the Director General | (2) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽيءَ جو منتظم اعليٰ هوندو ۽ اهو حڪومت جي عام يا خاص هدايت جي مطابق اهڙا فرض سرانجام ڏيندو ۽ اهڙيءَ طرح اختيار استعمال ڪندو جيڪي اٿارٽيءَ هن کي ڏيندي. |
| | (3) جيڪڏهن ڊائريڪٽر جنرل ڪنهن سبب جي ڪري فرض سرانجام ڏيڻ کان قاصر آهي يا پنهنجي آفيس جا ڪم اڪلائڻ جي لائق نہ آهي تہ حڪومت دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ٻڌايل ماڻهن مان ڪنهن هڪ کي ڊائريڪٽر جنرل جا فرض سرانجام ۽ اختيارن استعمال ڪرڻ جي لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿي. |
| اٿارٽيءَ جا عملدار ۽ ٻيو عملو<br>Officers and other staff of the Authority | 7. حڪومت جي عام يا خاص حڪمن جي روشني ۾ اٿارٽيءَ اهڙن آفيسرن، صلاحڪارن، ماهرن، مشورا ڏيڻ وارن ۽ ملازمن کي پنهنجن شرطن تي مقرر ڪري سگهي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ اٿارٽي پنهنجي ڪارڪردگي کي وڌيڪ موثر بڻائي سگهندي. |
| اٿارٽيءَ جو ڪم<br>Functions of the Authority | 8. (1) ڪنهن ٻئي اختيار جي ابتڙ نہ هجي تہ سرڪار عام ۽ خاص هدايت جي مطابق، اٿارٽي:- |
| | (i) علائقي جي ترقيءَ جي لاءِ ۽ اتان جي ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ اسڪيمون ٺاهڻ، اسڪيمن ٺاهڻ جو سبب ۽ اسڪيمن تي عمل ڪرڻ؛ |
| | (ii) پاڻيءَ سان لاڳاپيل ڪم ۽ آبپاشي جا پراجيڪٽ ٺاهڻ، تيار ڪرڻ، عمل ۾ آڻڻ ۽ برقرار رکڻ؛ |

(iii) زرعي اسڪيمون، پولٽري، فروٽ، سبزيون ۽ پان فارمنگ جون اسڪيمون ٺاهڻ، اسڪيمن ٺاهڻ جو سبب ۽ اسڪيمن تي عمل ڪرڻ، ۽ زرعي تحقيق چاهي تحفظ نباتات جي تحقيق کي هٿي ڏيڻ؛

(iv) لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز کي ترقي ڏيڻ؛

(v) جنگلات بشمول چراگاهون ۽ سبز پٽيون ٺاهڻ، ترقي ڏيڻ، عمل ۾ آڻڻ ۽ قائم رکڻ؛

(vi) صنعتي ۽ تجارتي مقصدن ۽ ان سان لاڳاپيل اسڪيمن کي تيار ڪرڻ ۽ اسڪيمون تيار ڪرڻ جو سبب بڻجڻ، ان کي هلائڻ ۽ برقرار رکڻ؛

(vii) بيروزگار ماڻهن جي لاءِ آمدني وڌائڻ جي لاءِ اسڪيمن کي تيار ڪرڻ يا اسڪيمون تيار ڪرڻ جو سبب بڻجڻ، ان کي هلائڻ ۽ برقرار رکڻ؛

(viii) شهري، ٻهراڙي ۽ صنعتي علائقن جي ترقي جي لاءِ اسڪيمون ٺاهڻ، نافذ ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ؛

(ix) پنهنجن ايجنسين يا غير سرڪاري ايجنسين جي سهڪار سان، بين قومي ۽ بين الاقوامي ايجنسين ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي تعاون سان اهڙو ڪم شروع ڪرڻ، مهيا ڪرڻ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ جيڪي ماڻهن جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي سان لاڳاپيل هجن؛

(x) ڪنهن وفاقي يا صوبائي حڪومتن يا مقامي اختيار يا خودمختيار باڊي جي لاءِ ترقياتي ايجنسي طور ڪم ڪرڻ؛

(xi) ترقياتي سرگرمين سان لاڳاپيل وفاقي يا صوبي جي سرڪاري يا غير سرڪاري ايجنسين سان سهڪار ڪرڻ؛

(xii) علائقي ۾ بين ايجنسين جي ترقياتي سرگرمين ۾ ميل جول رکڻ؛

(xiii) ترقياتي سرگرمين ۾ ميل جول پيدا ڪرڻ جي لاءِ افرادي قوت فني خدمتون ۽ رهنمائي فراهم ڪرڻ؛

(xiv) اهڙين اسڪيمن جي مالي امداد ڪرڻ جيڪي علائقن جي ترقي ۽ عوام سان لاڳاپيل آمدني جي سطح بلند ڪرڻ جي لاءِ ٺاهيون ويون آهن؛

(xv) ڪنهن خودمختيار پارٽي يا مقامي اختياري يا صوبائي حڪومت يا وفاقي حڪومت جي طرفان حوالي ڪيل اسڪيمن کي هلائڻ ۽ انهن تي ڪم ڪرڻ؛

(xvi) ڊولپمينٽ پلاننگ جي شعبي ۾ تحقيق کي هٿي ڏيڻ؛

(xvii) ترقيءَ جي لاءِ معيار مقرر ڪرڻ ۽ طريقيڪار جو متعين ڪرڻ؛

(xviii) منصوبه بندي ۽ ترقي جي موضوع تي لٽريچر گڏ ۽ مرتب ڪرڻ ۽ اهڙن ماڻهن جيڪي ماڻهو ايجنسين کي مهيا ڪرڻ جيڪي ترقياتي ڪم ۾ دلچسپي رکندا هجن؛

(xix) پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جي موضوع تي سيمينار منعقد ڪرڻ ۽ تربيتي پروگرام منعقد ڪرڻ؛

(xx) ترقياتي ڪمن ۾ منصوبه بندي جي لاءِ پيشوراڻه تنظيمن جي رهنمائي ڪرڻ؛

(xxi) حڪومت پاران لڳايل اٿارٽيءَ جي مطلبَ ۾ مقصد جي حاصلات جي لاءِ خدمون سرانجام ڏيڻ؛

(2) اٿارٽي ڪندي:-

(i) ايڪٽ جي مقصد جي درآمد ڪرڻ جي لاءِ اهي قدم کڻڻ ۾ اهي اختيارن جو استعمال ڪرڻ ضروري هجي؛

(ii) منقولا ۾ غير منقولا ملڪيت مستقل طور تي يا وقتي طور تي حاصل ڪرڻ؛

(iii) اهڙي زمين يا ملڪيت کي نيڪال ڪرڻ، جيڪا خريد ۾ وڪري، ليز ايڪسچينج يا ڪنهن ٻئي طريقي سان حاصل ڪئي وئي هجي؛

(iv) ڪو اهڙو ڪم شروع ڪرڻ جيڪو ڪنهن اسڪيم جي حوالي سان هجي يا ان جي حوالي ڪيو وڃي يا ان جي تحويل ۾ ڏنو وڃي؛

(v) هن ايڪٽ جي مقصد جي حاصلات لاءِ ڪو به خرچو ڪرڻ؛

(vi) پنهنجي استعمال جي لاءِ ڪو پلانٽ، مشينري، اوزار يا مٽيريل خريد ڪرڻ؛

(vii) معاهدو ڪرڻ يا معاهدي ۾ شامل ٿيڻ؛

(viii) ڪنهن ڪم يا اسڪيم ۾ ايندڙ رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ؛

(ix) تياري جي مرحلي ۾ ترقياتي اسڪيمن جي

لاءِ وقتي حڪم جاري ڪرڻ؛

(x) اهم يا خصوصي آرڊر سان ڪنهن زمين جو استعمال يا عمارت ۾ ردوبدل، ان جي ڍانچي ۾ تبديلي يا تعمير هن جي روڪڻ يا ان تي پابندي لڳائڻ؛

(xi) ڪنهن عمارت جي ڍانچي يا تعمير کي تبديل ڪرڻ يا هٽائڻ؛

(xii) ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيم يا ايجنسي جيڪا ترقياتي ڪم ۾ مصروف هجي، انهن کان گهربل جاڻ ريڪارڊ پورٽ يا پلان هن ايڪٽ جي تحت حاصل ڪرڻ؛

(xiii) اهڙو ڊولپمينٽ پراجيڪٽ جنهن تي ڪم هلي رهيو هجي يا جنهن تي ڪم ٿيڻ وارو هجي ان جي رڪارڊ سان گڏ جاچ پڙتال ڪرڻ؛

(xiv) ڪنهن بہ ترقياتي منصوبي پروگرام يا اسڪيم سان لاڳاپيل ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيم يا ايجنسيءَ کي پيشگي اجازت ڏيڻ جنهن جي نتيجي ۾ ان پروجيڪٽ پروگرام يا اسڪيم جي حوالي سان ڪو خاص قدم کنيو وڃي؛

(xv) جهڙي بہ صورتحال هجي، ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيم يا ايجنسي جيڪا ترقياتي پروگرام سان لاڳاپيل هجن، هدايت ڪري يا مشورو ڏئي تہ اهو هن پراجيڪٽ

پروگرام يا اسڪيم ۾ ڪجهه شامل ڪري يا خارج ڪري، ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيم يا ايجنسي ۾ ڪجهه شامل ڪري يا خارج ڪري، ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيم يا ايجنسي جيڪا اسڪيم جي تياري يا ان تي عمل ڪرڻ سان ترقياتي ڪم ڪرڻ ۾ ملوث هجي يا هن اسڪيم کي هلائي رهيو هجي يا هن شخصن جي تنظيم جيڪا هن حوالي سان مشورو يا مدد ڏئي سگهي ٿي، ان سان صلاح ڪرڻ يا مدد وٺڻ، جيڪا مشاورت يا مدد اٿارٽي جي نظر ۾ صحيح مفيد ۽ معلوماتي هجي، جيڪڏهن مشورو يا مدد حاصل ڪرڻ ۾ خرچ ايندو هجي ته اٿارٽيءَ پاران ان کي برداشت ڪرڻ؛

(3) دفعه (2) جي تحت اٿارٽيءَ جي طرفان اختيارن جو استعمال ڪندي اٿارٽيءَ ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيم يا ڪنهن ايجنسي جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿئي ٿو ته اهو فيصلو ڪرڻ جي لاءِ اهڙي شخص يا اٿارٽيءَ سان رابطو ڪيو ويندو، جنهن کي حڪومت مقرر ڪري ۽ مقرر ڪيل شخص يا اٿارٽيءَ جو فيصلو حتمي سمجهيو ويندو.

بشرطيڪ حڪومت پنهنجي طرفان يا اختلاف ۾ ملوث يا ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيمي ا يجنسي جي استدعا تي هن فيصلي تي نظرثاني يا ترميم ڪري سگهي ٿي.

اٿارٽيءَ جو اجلاس
Meeting of the Authority

9. (1) ڪو بہ معاملو جنهن تي اٿارٽيءَ کي فيصلو ڏيڻو هجي تہ اهو چيئرمين جي سربراهي ۾ منعقد ڪيل اٿارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ حاضرميمبرن جي اڪثريت جي ووٽ سان ڪيو ويندو.

(2) هر هڪ ميمبر جو هڪ ووٽ هوندو. جيڪڏهن ووٽ مخالف ۽ موافقت ۾ برابر هجي تہ چيئرمين پنهنجو ڪاسٽنگ ووٽ استعمال ڪندو.

(3) سمورن ميمبرن جي هڪ ٽياڱي تي اٿارٽيءَ جي هن ميٽنگ جو ڪورم هوندو.

(4) اٿارٽيءَ هن هنڌ ۽ وقت تي هن طريقي سان ميٽنگ ڪندي جيئن بيان ڪيو ويو آهي.

ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Committee

10. اٿارٽي هن ايڪٽ تي عمل ڪرڻ ۽ هن جي مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪميٽيون ٺاهي سگهي ٿي، جيئن مالياتي ڪميٽي، فني ڪميٽي، مشاورتي ڪميٽي يا اهڙيون ٻيون ڪميٽيون.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

11. اٿارٽي عام يا خاص آرڊر جي ذريعي ۽ ان شرطن جي مطابق جيڪو هو پاڻ لاڳو ڪري، پنهنجا اختيار ڪم ۽ فرض چيئرمين يا ميمبر يا ڪنهن ڪميٽي يا ڊائريڪٽر جنرل يا ڪنهن آفيسر يا ملازم يا صلاحڪار ايڪسپرٽ يا ڪنسلٽنٽ جي حوالي ڪري سگهي ٿو.

ايجنسي ٺاهڻ
Establishment of Agency

12. (1) حڪومت پنهنجي نوٽيفڪيشن جي ذريعي اٿارٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ ايراضي کي سروس ايراضي طور ظاهر ڪري سگهي ٿي.

(2) اٿارٽي پاڻ يا جنهن طرح حڪومت حڪم ڏنو هجي، سروس ايريا جي لاءِ هڪ يا وڌيڪ ماڻهن تي

ايجنسي قائم ڪري سگهي ٿي.

ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ڪم
Appointment and duties of the Director General

13. (1) جتي ايڪٽ جي دفعہ 12 جي تحت ايجنسي ٺاهي ٿي تہ اٿارٽي حڪومت کي پيشگي منظوري ۽ ان طرفان مقرر ڪيل شرطن جي مطابق مينجينگ ڊائريڪٽر مقرر ڪندي.

(2) مينجينگ ڊائريڪٽر ايجنسي جو منتظم اعليٰ هوندو اهو اختيار استعمال ڪندو ۽ ڪم ڪندو جيڪو وقتن بوقتن ايجنسي ان کي حوالي ڪندي.

باب_III

ڪنٽرولڊ ايريا جو اعلان ۽ ماسٽر پروگرام ۽ اسڪيمن جي تياري ۽ ان تي عمل.

ڪنٽرول هيٺ ورتل ايراضيءَ بابت پڌرائي
Declaration of controlled Area

14. اٿارٽي پنهنجي نوٽيفڪيشن جي ذريعي پنهنجي دائره اختيار ۾ ايندڙ ايراضي کي ڪنٽرولڊ ايريا ظاهر ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙو ڪم ڪري سگهي ٿي، جنهن سان حددخلي بنا اختيار ۽ غلط طريقي سان تعمير يا آپريشن سان هن ايراضي يا منصوبي ۾ آندل ترقي کي محفوظ ڪري سگهجي.

عمارتن کي ٺاهڻ ۽ نئين سر تعمير ڪرڻ
Erection or re_erection of buildings

15. (1) ڪو بہ شخص ڪنٽرولڊ ايريا ۾ ڪا عمارت تعمير يا ٻيهر کان تعمير، عمارت ۾ ڪا بہ ٻاهرين طور تبديلي نہ آڻي سگهندو يا موجوده عمارت ۾ واڌارو نئو ڪري سگهجي يا ان ۾ حفاظتي حصو يا ٻيهر کان تعمير نئو ڪري سگهي جيڪڏهن هن کي اٿارٽي جي اجازت حاصل نہ هجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) جي تحت هو اجازت اهڙي طريقي ۽ شرطن تي ڏني ويندي جيڪا اٿارٽي بيان ڪري.

(3) ڪنٽرولڊ ايريا ۾ ڪو شخص جيڪو واڌارو ڪري

ٿو يا عمارت ڪي پنهنجي مقرر ڪيل حد کان تعمير ڪرائي ٿو يا ٻيهر کان تعمير ڪرائي ٿو يا موجوده عمارت ۾ ٻاهرين طور تي تبديلي آڻي ٿو يا عمارت کي ڊاهڻ جي لاءِ اضافو ڪري ٿو ته اهڙو ڪم مڪمل ٿيڻ جي ٻن مهينن جي اندر تحريري طور تي اٿارٽيءَ کي ڪيل ڪم کان آگاهه ڪندو.

(4) ذيلي دفعه (3) جي تحت وصول ڪيل اطلاعات ملڻ تي اٿارٽي ڪنهن شخص کي هن ڪم جي ڏسڻ جي لاءِ مجاز ڪري سگهي ٿي ۽ هن جاچ پڙتال ڪانپوءِ اهڙو حڪم جاري ڪندي جيئن اهي مناسب سمجهن.

(5) جتي به ڪو شخص ذيلي دفعه (1) يا ذيلي دفعه (3) يا اٿارٽيءَ جو ذيلي دفعه (4) جي تحت ڏنل حڪم سان انحراف رکندو هجي ته اٿارٽي اهڙو قدم کڻي سگهي ٿي، جيڪو انهن شقن جي گنجائشن کي نافذ ڪري يا پنهنجي حڪم جي تعميل ڪرائي ۽ اهڙو قدم کڻڻ تي ايندڙ لاڳت وصول ڪئي ويندي.

اهم پروگرام
Master Programmes

16. (1) اٿارٽي جيترو ممڪن ٿي سگهي اهڙن علائقن جي خوبصورتي اقتصادي ترقي ۾ اضافو ڪرڻ جي لاءِ ماسٽر پلان تيار ڪندي جيڪو حڪومت جي نظر ۾ ترقي ۾ اضافو ۽ خوبصورتي جي لاءِ ضروري هجي ۽ حڪومت جي منظوري جي لاءِ پيش ڪندي.

(2) حڪومت مٿي ڄاڻايل پروگرام کي اصل صورت ۾ يا ترميم سان گڏ منظور ڪندي جيئن اهو مناسب سمجهي.

اسڪيمون
Schemes

17. (1) اٿارٽي پاڻ يا جهڙي حڪومت هدايات ڏئي خاص اسڪيمون ڪنٽرولڊ ايريا جي لاءِ ٺاهيندي، اهڙي صورت ۾ يا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) اٿارٽي ڪنهن لوڪل ڪائونسل، گورنمينٽ ايجنسي سوسائٽي ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيمن جي گذارش تي اهڙي اسڪيم تيار ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي يا مدد ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي، البتہ انهن شرطن تي جيڪي انهن جي وچ ۾ طئي ٿي وڃن.

(3) هن شق جي تحت اسڪيم مشتمل هوندي:۔

(a) زمين جو استعمال ۽ ان جو مخصوص هجڻ؛

(b) زون ٺاهڻ؛

(a) ڪميونٽي پلاننگ، هائوسنگ ۽ ري هائوسنگ، گهربل صفائي وغيره؛

(b) پبلڪ بلڊنگس، بشمول اسڪولز، ڪاليجز، لائبريريز، ميوزيم، ڪميونٽي سينٽرز، اسپتال، خيراتي ادارا، مسجد، مارڪيٽيون ۽ مسافر خانا؛

(c) رستا ۽ گهٽيون؛

(d) واٽر سپلائي، ڊرينيج، سيوريج ۽ گندي پاڻيءَ جو نيڪال؛

(e) پارڪس، باغيچا، راند جا ميدان، قبرستان، ماڻهن جي لاءِ يا ٻين مقصدن جي لاءِ کليل ميدان؛

(f) عوامي سهوليتون بشمول بجلي ۽ گئس جي فراهمي؛

(g) تاريخي اهميت جي حامل يا سائنسي اهميت رکڻ وارن يا قدرتي خوبصورتي شين ۽ جاين جو تحفظ؛

(h) عوام جي لاءِ اچ وڃ جو سسٽم؛

(i) صنعتي ۽ ڪاروباري گوشہ؛

(j) شهرين جي ملڪيت ۽ زندگيءَ کي خطرن کي ختم

ڪرڻ؛

(k) قدرتي وسيلن جو استعمال؛

(l) عوام سان لاڳاپيل ڪو معاملو.

(4) اهڙيون اسڪيمون، ٻين ڳالهين کان علاوه مشتمل هونديون:-

(a) اسڪيم جا تفصيل ۽ ان کي عمل ۾ آڻڻ جو طريقو.

(b) هن اسڪيم جي ٻين مقصدن حاصل ڪرڻ تي ايندڙ خرچ جي لاڳت ۽ ان لاءِ رکيل رقم؛

(c) اسڪيم جا فائدا؛

(d) عوامي يا سرڪاري ملڪيت تي هن اسڪيم جا پوندڙ اثر ۽ ان حوالي سان اهڙيون تجويزون جيڪي ملڪيت ۽ مفاد سان لاڳاپيل هجن.

اسڪيمن کي شايع ڪرائڻ
Publication of Schemes

18. هر هڪ اسڪيم جيڪا اٿارٽي تيار ڪندي، ان کي سرڪاري گزٽ ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزي جي هڪ هڪ مقامي اخبار ۾ شايع ڪيو ويندو. جيئن اسڪيم جي ڇپجڻ کانپوءِ 30 ڏينهن جي اندر اعتراض ۽ تجويزون گهرايون وينديون.

اسڪيمن جي منظوري
Sanction of schemes

19. (1) دفعه 19 جي تحت گهرايل اعتراضن ۽ تجويزن، جيڪڏهن ڪي هجن ته اٿارٽي اعتراض ڪرڻ واري يا تجويز ڏيڻ واري شخص کي ٻڌندي، جيڪڏهن هو ضروري سمجهي ٿي، ان کانپوءِ اسڪيم ۾ تبديلي آڻڻ يا اسڪيم کي خارج ڪرڻ جو فيصلو ڪري سگهي ٿي جيڪڏهن ايندڙ خرچ ڏهه لک رپين کان نٿو وڌي ۽ ان جي لاءِ گورنمينٽ کان قرض يا گرانٽ جي ضرورت نه آهي ۽ ٻيون

اسڪيمون سفارشن سان گڏ حڪومت کي پيش ڪندي.

(2) حڪومت اعتراض ڪٽڻ يا تجويزون ڏيڻ واري اهڙي شخص کي ٻڌندي جنهن جي تجويزون يا اعتراضن کي اٿارٽي قبول نہ ڪيو آهي، بشرطيڪ حڪومت هيءُ سمجهي هن کي ٻڌڻ ضروري آهي، پوءِ اسڪيم کي ترميمن سان گڏ يا ان کان علاوه منظور ڪري سگهي ٿي، يا منظوري ڏيڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي، يا اسڪيم کي واپس ڪري سگهي ٿي، يا اسڪيم ۾ اضافي تفصيلي معلومات وٺي سگهي ٿيا يا هدايت ڏئي سگهي ٿي، اسڪيم کي ٻيهر کان ڏنو وڃي، جيئن حڪومت مناسب سمجهي.

(3) جتي گورنمينٽ يا، جهڙي بہ صورتحال هجي اٿارٽي ڪا بہ اسڪيم منظور ڪئي آهي، تہ حڪومت يا اٿارٽي جو منظور ڪيل حڪم سرڪاري گزٽ ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ اٿارٽي جي لاءِ قانون جي مطابق هوندو تہ هن اسڪيم تي ڪم شروع ڪري.

ڪجهہ اسڪيمن کي اٿارٽيءَ طرف منتقل ڪرڻ ۽ حوالي ڪرڻ
Transfer and entrustment of various schemes to the Authority

20. (1) حڪومت پنهنجي طئي ٿيل مطابق پنهنجي، ڪنهن لوڪل ڪائونسل يا سرڪاري ايجنسي جي اسڪيم منتقل ڪري سگهي ٿي ۽ فنڊ متروڪ ۽ غير متروڪ ملڪيتون جيڪي اسڪيم سان لاڳاپيل هجن اهي اٿارٽي جي حوالي ڪري سگهن ٿيون ۽ ان کانپوءِ هيءَ اٿارٽي قانوني طور تي هن اسڪيم تي ڪم ڪرڻ جو پابند ٿي ويندي.

(2) هيءَ اٿارٽي جي لاءِ قانون جي مطابق هوندو تہ هو وڌيڪ ڪم ڪري يا هن اسڪيم کي استعمال ڪندي جيڪي وفاقي حڪومت گڏيل شرطن تي ان کي حوالي

ڪئي آهي.

(3) اٿارٽي، لوڪل ڪائونسل، گورنمينٽ ايجنسي، سوسائٽي يا شخصن جي تنظيم جي استدعا تي ڪنهن اهڙي اسڪيم تي ڪم شروع ڪري سگهي ٿي، جنهن جا لوڪل ڪائونسل، گورنمينٽ ايجنسي، سوسائٽي، شخص يا شخصن جي تنظيم ۽ اٿارٽيءَ جي وچ ۾ گڏيل طور طئي ڪيو ويو آهي.

اٿارٽيءَ پاران اسڪيمون حوالي ڪرڻ
Entrustment of schemes by the Authority

21. اٿارٽي حڪومت جي منظوريءَ سان اهڙي اسڪيم تي ڪم شروع ڪري سگهي ٿي، جيڪا هن اسڪيم جي حدن ۾ شهري سهوليتن جي فراهمي جي لاءِ ٺاهي وئي آهي يا جيڪا ڪنهن ڪم کي قائم رکڻ ڪنهن شخص يا شخصن جي تنظيم، فرم يا ڪمپني کي گڏيل طور تي طئي ٿيل شرطن جي مطابق خدمتون فراهم بيان ڪري سگهي ٿي ۽ اهو ڪم يا سرانجام ڏيڻ واريون خدمتون بيان ڪيل شرطن جي مطابق هجن.

اسڪيمن جي ڦيرگهير
Alteration of Schemes

22. (1) حڪومت يا اٿارٽيءَ جي طرفان ڪا اسڪيم منظور ڪرڻ ڪانپوءِ ڪنهن بہ وقت پر اسڪيم جي ممڪن هجڻ کان پهريان، اٿارٽي حڪومت جي منظوري سان اسڪيم ۾ ڦيرگهير ڪري سگهي ٿي جيڪڏهن ڦيرگهير ڪانپوءِ اسڪيم تي ڪم ڪرڻ جو خرچ 50 هزار روپيا خرچي جو 10 سيڪڙو نهي ٿو ۽ اها تبديلي حڪومت جي منظوريءَ ڪانسواءِ آهي تہ اسڪيم تي ڪم ڪندي آيل لاڳت هن حد کان وڌڻ نہ گهرجي.

(2) جيڪڏهن هيءَ تبديلي هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڪئي وڃي ٿي ۽ اها گهربل آهي، ۽ اها

ڪنهن زمين جي معاهدي جي مطابق نہ آهي، ۽ اها ڪنهن طرح لوڪل ڪائونسل، گورنمينٽ ايجنسي، سوسائٽي، شخص، شخصن جي ملڪيتن يا مفادن تي برو اثر نٿي وجهي تہ هن تبديلي جي منظوري دفعہ 19 ۽ 20 جي مطابق ڪئي ويندي.

لوڪل ڪائونسل گورنمينٽ ايجنسي کي هدايتون ڏيڻ جو اٿارٽيءَ کي اختيار

Power of Authority to issue directions to Government agency Council etc local

23. (1) اٿارٽي حڪومت جي اجازت سان ڪنهن گورنمينٽ ايجنسي يا لوڪل ڪائونسل جنهن جي حدن ۾ سرڪار جي منظور ٿيل اسڪيم جاري ڪئي ويندي آهي، ان کي چئي سگهجي ٿي تہ-

(a) اهڙي اسڪيم يا ان جي ڪنهن بہ حصي تي اٿارٽيءَ جي مشاورت يا هدايت جي مطابق ڪم شروع ڪري؛

(b) اٿارٽي پاڻ هن اسڪيم جي تحويل ۾ وٺي، ۽ اهڙو ڪم ڪري يا خدمتون فراهم يا سهوليتون ميسر ڪري جيڪا اٿارٽي جي خيال ۾ اسڪيم جي هن ايراضي ۾ مهيا ڪرڻ گهرجي؛

(c) اٿارٽيءَ پاران ضابطا لاڳو ڪرڻ؛

(2) ڪنهن بہ اسڪيم تي ڪم ڪندي يا ڪنهن اسڪيم کي تحويل ۾ وٺڻ يا ٽيندڙ ڪمن ۽ خدمن يا سهوليتون ميسر ڪرڻ کي برقرار رکڻ، ذيلي دفعہ (1) جي تحت ضابطا نافذ ڪرڻ وقت ٽيندڙ خرچ گڏيل اتفاق جي بنياد تي اٿارٽي ۽ گورنمينٽ ايجنسي يا لوڪل ڪائونسل کي برداشت ڪرڻو پوندو. اختلاف جي صورت ۾ حڪومت هن حوالي سان فيصلو ڪندي.

اسڪيم جا فنڊ

24. (1) اٿارٽي حڪومت جي پيشگي رضامنديءَ سان وقت

Funds of Scheme

بوقت اسڪيمون، نئين شامل ٽيندڙ اسڪيمن يا ٽيندڙ ڪم تي جيڪو اها پاڻ ڪري يا ڪنهن ايجنسي جي طرفان ڪيو وڃي، ان تي ايندڙ خرچ، لڳايل محصولات، فيس ۽ ٻيا خرچ پورا ڪرڻ جي لاءِ فنڊ قائم ڪري سگهي ٿي.

(2) اگهه، فيس ۽ ٻيون رهتون هن طرح ۽ هن طريقي سان لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي جنهن طرح بيان ڪيو وڃي.

(3) اگهه لاڳو ڪرڻ سان فيس ۽ ٻين رهتن مان حاصل ڪيل فنڊ جنهن طرح اٿارٽي حڪومت جي منظوري، فيصلن ۽ هدايت جي مطابق چاهي، انهن اسڪيمن، ڪمن ۽ پراجيڪٽس تي خرچ ڪري سگهي ٿي.

اسڪيمن ڪي عوامي مقصدن جي لاءِ سمجهڻ

Schemes to be deemed for public purposes

25. سمورن اسڪيمون جيڪي هن ايڪٽ جي تحت ٺاهيون ويون هجن يا جن تي اٿارٽي يا ان پاران ڪم هلندڙ هجي، سمجهي ويندو ته اهي اسڪيمون عوامي مقصدن جي لاءِ آهن.

بهتري جي لاءِ فيس

Betterment fee

26. (1) جتي اٿارٽي سمجهي سگهي ٿي ته ڪنهن اسڪيم تي ڪم ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪنهن ملڪيت جي قيمت وڌي وئي آهي يا وڌي ويندي، ته اهو هن ملڪيت تي في براءِ بهبود تي لاڳو ڪري هن مالڪ يا لاڳاپيل شخص کان وصول ڪري سگهي ٿي جنهن جو جائيداد ۾ مفاد هجي.

(2) پلائيءَ لاءِ في هن اگهه تي لڳايل ۽ وصول ڪئي ويندي، جيڪا هن ملڪيت جي قيمت جي اڌ کان وڌيڪ نه هجي، جيڪا اسڪيم شروع ٿيڻ کان پهريان هن جائيداد جي اصلي قيمت هئي، ۽ اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ تي هن

جائيداد جي قيمت پهريان کان وڌي ويندي، جهڙيءَ طرح اٿارٽي معين ڪري.

(3) جڏهن اٿارٽيءَ کي هيءَ محسوس ٿئي ته اسڪيم حامل آهي ته هن تي پلائيءَ لاءِ في لڳائي وڃي، ته اختياري پنهنجي پاران هڪ آرڊر جي ذريعي پلائي لاءِ في نافذ ڪرڻ جو مقصد واضح ڪندي. ۽ جڏهن هيءُ سمجهيو وڃي ته اسڪيم مڪمل ٿي چڪي آهي ته تحريري طور تي جائيداد جي مالڪ يا ان شخص کي جنهن جي قبضي ۾ اها جائيداد هجي يا جنهن جي جائيداد ۾ مفاد هجي، آگاهه ڪندي ته اٿارٽي تجويز ڪندي آهي ته هن جائيداد تي پلائيءَ لاءِ في لاڳو ڪئي وڃي.

(4) اٿارٽي ذيلي دفعه (3) جي تحت ڏنل اهڙي نوٽيس جي 15 ڏينهن کانپوءِ، يا جيڪڏهن پلائيءَ لاءِ في جي خلاف ڪا عريضي ڏني وئي آهي ، اها عريضي رد ڪرڻ کانپوءِ پلائي لاءِ في لاڳو ۽ وصول ڪري سگهي ٿي ان طريقي سان جيئن بيان ڪيو ويو آهي.

عمارت کي ڊاهڻ يا ختم ڪرڻ
Removal of demolition of building

27. (1) جيڪڏهن اٿارٽيءَ جو خيال هجي ته اسڪيم جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ هيءُ ضروري آهي ته ڪنهن عمارت کي هٽائڻ يا ڪيرايو وڃي ته جيئن هو هن عمارت کي هٽائڻ يا ڪيرائڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

بشرطيڪو هٽائڻ يا ڪيرائڻ جو حڪم ان وقت تائين نه ڏنو ويندو جيستائين مالڪ يا ان شخص کي جنهن کي هو تحويل ۾ هجي، ان کي بدڙڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو ويندو.

(2) جيڪڏهن ڪنهن عمارت کي هٽائڻ يا ڪيرائڻ جو ذيلي دفعه (1) جي تحت حڪم ڏنو وڃي ٿو ته ان جي

نقصان جي ازالي جو خرچ ادا ڪيو وڃي، ۽ اهو معاوضو حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، مجريہ 1976 جي تحت زمين حاصل ڪرڻ واري گنجائش جي مطابق هوندو.

حدخليون هٽائڻ
Removal of encroachments

28. جيڪڏهن اٿارٽي هن خيال جي آهي تہ اسڪيم تي ڪم ڪرڻ جي مقصد جي حاصلات جي لاءِ هيءُ ضروري آهي تہ زمين يا عمارت تي اهڙي حدخلي هٽائي وڃي تہ اٿارٽي اهڙي اهڙي حدخلي هٽائيندي جيڪا رائج الوقت قانون جي تحت هوندي، جيئن اها زمين يا عمارت جنهن سان حدخلي هٽائي ويندي آهي، اها اٿارٽيءَ جي هجي.

ڪليل حصا ۽ روڊ قبضي ۾ وٺڻ
Taking over of streets, open spaces, etc

29. (1) جيڪڏهن ڪٿي ڪا گهٽي، روڊ، ڪليل نالو يا ڪليل جڳهہ ڪنهن اسڪيم تي ڪرڻ وقت گهربل هجي تہ اٿارٽي اهڙي هنڌ جيڪا هن گهٽي، روڊ، نالي وغيره يا ڪليل هنڌ چونڊيندي ۽ چيئرمين يا ڪنهن بااختيار شخص سان نوٽيس تي صحيح ڪرائي واضح ڪندي تہ ڪنهن مقصد جي لاءِ گهٽي، روڊ، نالا يا ڪليل هنڌ گهربل آهن ۽ هيءُ واضح ڪندي تہ مقرر ڪيل تاريخ کانپوءِ، جيڪو نوٽيس ۾ بيان ڪيو ويو آهي، اٿارٽي اهڙي گهٽي، روڊ، نالا يا ڪليل هنڌ پنهنجي تحولي ۾ وٺندي ۽ اهڙي نوٽيس جي ڪاپي گهٽي، روڊ، نالي يا ڪليل هنڌ جي مالڪ کي موڪلي ويندي، هن ايڊريس تي موڪليل ويندي، جيڪا هن جي آخري ايڊريس هجي يا مشهور ايڊريس هجي.

(2) اٿارٽي کي ان حوالي سان جيڪڏهن ڪو اعتراض هجي ۽ ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڏنل نوٽيس ۾ ٻڌايل تارخ جي اندر ڪيل ڪي اعتراض هجن تہ ان تي بہ اٿارٽي غور ڪرڻ کانپوءِ گهٽي، روڊ، نالي يا ڪليل هنڌ کي پنهنجي

تحويل ۾ وٺي سگهي ٿي، جنهن جي روشني ۾ هو گهٽي، روڊ، نالي يا ڪليل هنڌ ڪي پنهنجي تحويل ۾ وٺي سگهي ٿي، جنهن جي روشني ۾ هوءَ گهٽي، روڊ، نالي يا ڪليل هنڌ بند ڪرڻ يا ان جي برعڪس ڪا هدايت جاري ڪري سگهي ٿي يا آرڊر ڪڍي سگهي ٿي.

(3) اٿارٽي گهٽي، روڊ، نالي يا ڪليل هنڌ جي مالڪ ڪي نقصان جي ازالو جو معاوضو ڏيندي، جيڪو هو پاڻ تعين ڪري يا ان پاران ڪنهن شخص يا ڪو آفيسر طئي ڪري.

اٿارٽيءَ ڪي لوڪل ڪائونسل جو ڪم ڪرڻ جو اختيار جو هوندو
Authority competent to exercise functions of a local council

30. حڪومت نوٽيفڪيشن جي ذريعي اٿارٽيءَ ڪي لوڪل ڪائونسل يا گورنمينٽ ايجنسي جيڪا هن جي حدن ۾ ايندي هجي، ان ۾ اختيارن استعمال ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي هدايت ڏئي سگهي ٿي، سواءِ ان جي اها هڪ ٿي وقت قانون جي خلاف ورزي نہ هجي.

## باب- IV
## ملڪيت حاصل ڪرڻ
## ACQUISITION OF PROPERTY

ملڪيت جي خريداري، ليز يا ڏي وٺ
Purchase, lease or exchange of property

31. اٿارٽي ڪا منقولا يا غير منقولا جائيداد يا جيڪڏهن ان ۾ سندس مفاد هجي تہ لاڳاپيل پارٽي سان معاهدو ڪري هو ملڪيت خريد ڪري سگهي ٿي، ليز تي وٺي سگهي ٿي يا تبديل ڪري سگهي ٿي.

زمين حاصل ڪرڻ
Acquisition of land

32. جتي اٿارٽيءَ جو هيءُ خيال هجي تہ ڪنهن اسڪيم يا عوامي مقصد جي لاءِ جنهن زمين جي ضرورت هجي اها دفعہ 31 جي تحت نٿي وٺي سگهجي، تہ اها زمين حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي، 1976 ايڪٽ، ۽ حيدرآباد ڊولپمينٽ

ايڪٽ ڪنهن گنجائش جي مطابق زمين وٺي سگهي ٿي جيئن اٿارٽي مناسب سمجهي.

باب_V

فنانس

FINANCES

اٿارٽيءَ جا فنڊ
Fund of the Authority

33. (1) جنهن کي اٿارٽيءَ جو فنڊ سڏيو ويندو ۽ اها اٿارٽيءَ جي تحويل ۾ هوندي.

(2) اهو فنڊ مشتمل هوندو:_

(a) اها سرڪار پاران ڏنل گرانٽ؛

(b) لوڪل ڪائونسل پاران ڏنل گرانٽ؛

(c) قائم ڪيل قرض يا اٿارٽيءَ پاران حاصل ڪيل؛

(d) منقولا ۽ غير منقولا جائيداد جي وڪري مان آمدني؛

(e) اهي سموري رقم جيڪا وفاقي حڪومت يا بين الاقوامي ايجنسي کان حاصل ڪئي وڃي؛

(f) سموري فيس، اوڳاڙيون ۽ رهتون جيڪي هن ايڪٽ تحت حاصل ڪيون وڃن؛

(g) ڪنهن ايجنسي پاان سرانجام ڏنل ڪم يا ڪم ۾ ڏنل خدمتون ۽ ورتل رقم؛

(h) سيلف فناسنگ اسڪيمن مان حاصل ڪيل رقم؛

(i) ٻيا سموريون رقمون جيڪا اٿارٽيءَ کي وصول ڪرڻيون آهن؛

(3) هن ايڪٽ جي ذيلي دفعه (2) جي شق(g) جي

حاصل ڪيل رقم تي مشتمل هڪ ايجنسي جو الڳ حساب ڪتاب رکيو ويندو.

(4) فنڊ ۾ ڪيل رقم اسٽيٽ بئنڪ ۾ يا ان جي برانچ ۾ يا ڪنهن شيڊولڊ بينڪ ۾ سرڪاري منظوري ۾ رکي ويندي.

(5) اٿارٽي پنهنجا فنڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت يا اهڙي سيڪيورٽي ۾ حڪومت جي منظوري سان لڳائي سگهي ٿي.

(6) اٿارٽي سرڪاري منظوري سان ڪنهن اسڪيم، پروجيڪٽ جي ڪم هن جي ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ منافع بخش قرض حاصل ڪري يا بانڊ جاري ڪري مليل رقم مان فنڊ قائم ڪري سگهي ٿي.

(7) اٿارٽي سرڪار کان يا ڪنهن بئنڪ کان انهن شرطن ۽ ضابطن جي تحت قرض وٺي سگهي ٿي جيڪي سرڪار متعين ڪري.

فنڊن جو استعمال
Utilization of Funds

34. اٿارٽي هيٺين ڄاڻايل طريقي سان فنڊ استعمال ڪندي.

(a) هن ايڪٽ جي تحت ڪيل ڪم، ان جي حوالي سان ڪيل ميٽنگ جا خرچ، بشمول چيئرمين جو اعزازي معاوضو ميمبر، آفيسر، بشمول، ڊائريڪٽر جنرل، مينجنگ ڊائريڪٽر، ملازم، ايڪسپرٽس، ڪنسلٽنٽس، ۽ اٿارٽي ۽ ايجنسي جي ٻين ملازمن جي پگهارن جي ادائيگي؛

(b) ڪنهن اسڪيم يا اهڙي ڪم تي خرچ ڪرڻ جيڪو هن ايڪٽ جي تحت مجاز هجي؛

(c) هن ايڪٽ جي تحت حاصل ڪيل زمين جي معاوضن جي ادائيگي؛

(d) قرض ۽ وياج جي ادائيگي؛

(e) هن ايڪٽ جي مقصد جي حاصلات جي سلسلي ۾ ڪيل خرچ؛

(2) هن ايڪٽ جي دفعہ 34 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق(g) جي تحت وصول ڪيل رقم ايجنسي جي هن مقصد جي لاءِ استعمال ڪئي ويجي جنهن جي لاءِ اها حاصل ڪئي وئي آهي.

قرض لاهڻ جي لاءِ مختص ڪيل فنڊ
Sinking Fund

35. (1) اٿارٽي جيڪڏهن چاهي ۽ جيڪڏهن حڪومت اهڙي هدايت ڪري تہ سڪنلنگ (قرض لاهڻ جو فنڊ) فنڊ قائم ڪيو ويندو جنهن سان اٿارٽيءَ طرفان ورتل قرضن کي لاهيو ويندو. اٿارٽي هن فنڊ ۾ هن مقصد جي لاءِ رقم رکندي جنهن ۾ رکيل رقم جو وياج بہ شامل هوندو. هن فنڊ جي رقم جمع ٿيل رقم قرض واپس ڪرڻ جي لاءِ ڪافي هجڻ گهرجي.

(2) قرض لاهڻ جي لاءِ فنڊ هن ايڪٽ جو مقصد پورو ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو. قرض جي پيهر ادائيگي کانپوءِ اهڙو فنڊ قائم ڪيو ويو آهي.

(3) هر سال اڪائونٽنٽ جنرل طرفان قرض لاهڻ واري فنڊ جي جاچ ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن هي تصديق ڪري تہ فنڊ جا اثاثا عام طور تي رکي ويندڙ حد کان گهٽ آهن تہ اٿارٽي تصديق ٿيل کوٽ واري رقم فنڊ ۾ ادا ڪندي.

(4) جيڪڏهن ڪو تڪرار اٿارٽي ۽ اڪائونٽنٽ جنرل وچ ۾ پيدا ٿئي ٿو ذيلي دفعہ (3) تحت ڪنهن سرٽيفڪيٽ جي

اڪيوريسي جي سلسلي ۾ ته اٿارٽي ذيلي دفعه ۾ ڄاڻايل ادائگي ڪرڻ ڪانپوءِ حڪومت سان فيصلي لاءِ رجوع ڪري سگهي ٿي.

بجيٽ
Budget

36. (1) اٿارٽي هر مالي سال لاءِ ڪٿيل حاصلات ۽ خرچ جو اسٽيٽمينٽ تيار ڪندي ۽ اهڙو اسٽيٽمينٽ مالي سال شروع ٿيڻ کان ڇهه مهينا اڳ منظوري لاءِ حڪومت کي پيش ڪندي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت هر ايجنسي جو حاصلات جو ڪاٿو ۽ خرچ اسٽيٽمينٽ ۾ ڌار ڌار ڄاڻايو ويندو.

(3) حڪومت ذيلي دفعه (1) تحت جمع ڪرايل بجيٽ جي منظوري ڏئي سگهي ٿي، يا اهڙي تبديلي ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(4) جيڪڏهن حڪومت طرفان منظور ڪيل بجيٽ مالي سال شروع ٿيڻ کان اڳ حاصل نه ٿي ٿئي، اها حڪومت طرفان منظور ڪيل سمجهي ويندي.

(5) اٿارٽي حڪومت جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ منظور ٿيل بجيٽ کان وڌيڪ خرچ حاصل نه ڪندي.

حساب ڪتاب رکڻ
Maintainance of Accounts

37. (1) اٿارٽي ۽ ايجنسي جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت هلايا ويندا ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت رکيل اڪائونٽس چارٽرڊ اڪائونٽنٽس طرفان آڊٽ ڪيا ويندا پر اهي ٻن کان گهٽ نه هجن.

(3) ذيلي دفعه (2) تحت آڊيٽرس طرفان مڪمل طور آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو اسٽيٽمينٽ حڪومت کي جمع ڪرايو ويندو، هر مالي سال جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جيترو جلد

تي سگهي.

(4) حڪومت اڪائونٽنٽ جنرل کي ذيلي دفعہ (3) تحت جمع ڪرايل اڪائونٽس جي ٻي ٽيسٽ يا آڊٽ ڪرائڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن حڪومت طئي ڪري.

## باب _VI

## متفرقات

ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪندي جڳهہ تاهڻ ۽ استعمال ڪرڻ
Erection construction of or use of building etc. in contravention of Act

38. (1) جيڪڏهن ڪا عمارت، تعمير، ڪم يا زمين هن ايڪٽ جي گنجائشن، يا ڪن قاعدن، ضابطن يا ان سلسلي ۾ جاري ڪيل حڪم جي ڀيڪڙي ڪندي تيار، تعمير يا استعمال ڪئي ٿي وڃي تہ ڊپٽي ڪمشنر يا ان طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل شخص يا ان سلسلي ۾ اٿارٽي، لکت ۾ حڪم ذريعي اهڙي عمارت، تعمير ڪم يا زمين جي مالڪ، قبضو رکندڙ، استعمال ڪندڙ يا ضابطو رکندڙ کي هٽائڻ، ڊاهڻ جو چئي سگهي ٿي يا عمارت، تعمير يا ڪم کي اهڙيءَ ريت استعمال ڪري سگهي ٿي ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت تعمير يا استعمال ڪري سگهي ٿي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن عمارت، تعمير، ڪم يا زمين جي سلسلي ۾ ذيلي دفعہ (1) تحت ڪيل حڪم تي عمل نہ ٿو ڪيو وڃي، اهڙي ڄاڻايل وقت دوران تہ ڊپٽي ڪمشنر، يا سندس طرفان بااختيار بڻايل شخص يا ان سلسلي ۾ اٿارٽي حڪم سان متاثر ماڻهن کي ٻڌڻ جو هڪ موقعو ڏيڻ کانپوءِ عمارت، تعمير يا ڪم کي هٽائڻ، ڊاهي يا تبديل ڪري سگهي ٿي يا زمين جي استعمال کي روڪي سگهي ٿي ۽ اهڙيءَ ريت ڪرڻ لاءِ فورس استعمال ڪري سگهي ٿي،

جيئن ضروري هجي ۽ ان سلسلي ۾ متي ڄاڻايل گنجائش سان پيچڪڙي ۾ جوڙجڪ، عمارت، تعمير، ڪم يا زمين جي جي استعمال تي اهڙي شخص کان رقم حاصل ڪري سگهي ٿي.

بين مقصدن جي لاءِ ملڪيت جي تبديلي
Conversion of property to different use

39. ڪنهن ملڪيت جي اسڪيم ۾ ڄاڻايل استعمال يا مقصد کان علاوه ڪنهن شخص يا ايجنسي طرفان اٿارٽي کان اڳواٽ لکت ۾ اجازت کان سواءِ تبديلي تي، سزا هوندي جيڪو ڏنڊ ان جي تبديلي واري تاريخ کان روزانو هڪ سرپيا تائين وڌي سگهي ٿو جيڪو نقص جاري رکڻ تائين جاري رهندو يا قيد جي سزا جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي، يا ٻئي گڏ.

چيئرمين ۽ ميمبر سرڪاري ملازم هوندا
Chairman, members etc. to be public servants

40. چيئرمين، ميمبرس، عملدار بشمول ڊائريڪٽر جنرل ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ اٿارٽي ۽ ايجنسي جي ٻين سمورن ملازمن جي، سمورا پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

سرگرمين جي رپورٽ
Report of activities

41. اٿارٽي، هر مالي سال پورو ٿيڻ تي، ان جي سرگرمين بابت سالياني سرگرمين بابت رپورٽ تيار ڪندي ۽ اهڙي رپورٽ حڪومت کي پيش ڪندي اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي تاريخ کان اڳ، جيڪا بيان ڪئي وئي هجي.

ڪائونسل جي ذميواري
Liability of Council

42. هر ڪا لوڪل ڪائونسل اٿارٽيءَ کي هر سال ۽ انهيءَ تاريخ تي ۽ انهيءَ لڳايل ٽيڪسن، ريٽس، ٽولس، فيس ۽ ناڪي جي اوڳاڙيءَ جو طئي ڪيل سيڪڙو مالي سال دوران پريندي ۽ ڏيندي، جيئن سرڪار طئي ڪري.

ڪرايو يا مالڪاڻي جي

43. جيستائين ڪجهه ڪنهن قانون، قاعدن، يا معاهدي جي

متضاد نہ هجي، سموريون رقمون، ڀاڙا يا علائقي ۾ معدنيات واري هنڌ لاءِ جاري ڪيل ليز يا لائسنس جي سلسلي ۾ واجب الادا رائلٽيز اٿارٽي کي ادا ڪيا ويندا ۽ اٿارٽي طرفان جمع ڪيا ويندا.

وصولي
Collection of rents or royalties

رهتن جي وصولي
Recovery of dues

44. اٿارٽي يا ايجنسي ڏانهن کان رقم يا هن ايڪٽ تحت اٿارٽي يا ايجنسي طرفان غلط طريقي ادا ڪيل رقم ليڻ روينيو جي رهتن طور وصولي لائق هوندي.

دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred

45. (1) هن ايڪٽ تحت ڪجهه ڪرڻ يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن بہ عدالت کي ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا ڪو حڪم ڏيڻ يا ڪا ڪارروائي ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو.

(2) هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪو ڪم، ڪا ڪارروائي يا جاري ڪيل ڪو حڪم، هيٺين بنيادن تي غير موثر نہ ٿيندو:

(a) اٿارٽي يا ڪنهن ڪميٽي ۾ ڪا آسامي، يا انهن جي جوڙجڪ ۾ ڪو نقص؛

(b) ڪنهن شخص کي نوٽيس نہ ملڻ تي حتمي ٻڌايل ڪو فيصلو؛ ۽

(c) ڪنهن ڪيس جي ميرٽ تي اثرانداز ٿيندڙ ڪجهه ختم ڪرڻ، نقص يا ڀڃڪڙي.

ضمانت
Indemnity

46. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، اٿارٽي ايجنسي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا ڪا قانوني ڪارروائي نہ ٿي سگهندي.

گنجائشن کي ترجيح
Overriding

47. هن ايڪٽ يا قاعدن ۽ ضابطن جون گنجائشون ڪنهن ٻئي قانون، قاعدن يا ضابطن تي اثرانداز نہ ٿينديون.

Provisions

قاعدن ٺاهڻ جو اختيار
Power to make rules

48. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن ايڪٽ جي گنجائشن جي اثرائتو بڻائڻ جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطن ٺاهڻ جو اختيار
Power to make Regulations

49. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، اٿارٽي سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ۽ حڪومت کان اڳواٽ لکت ۾ منظوري سان، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪن ٿا:

(i) اٿارٽي جي گڏجاڻي؛

(ii) اهڙين گڏجاڻين ۾ ڪاروهنوار هلائڻ؛

(iii) اٿارٽي ۽ ايجنسي جي عملدارن ۽ عملي جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا؛ ۽

(iv) هن ايڪٽ جي گنجائشن لاءِ گهربل ٻيو ڪو معاملو ضابطن ۾ فراهم ڪيو ويندو.

اٿارٽيءَ ٽوڙڻ
Dissolution of Authority

50. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اعلان ڪري سگهي ٿي ته اٿارٽي اهڙي تاريخ کان تحليل ڪئي ويندي جيڪا نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪئي وڃي ۽ اٿارٽيءَ جي اهڙيءَ ريت تحليل ٿيڻ تي سموريون ملڪيتون، فنڊس ۽ ٻيا سمورا اثاثا حڪومت ڏانهن هليا ويندا ۽ اهڙي اٿارٽي، باڊي يا ايجنسي جيئن حڪومت طئي ڪري.

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر 1957 جو لاڳو ٿيڻ
Application of the

51. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر 1957 جون گنجائشون اٿارٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ علائقن تي لاڳو نه ٿينديون.

Karachi Development Authority Order 1957

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIV مجريہ 1993 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XXIV of 1993

52. ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي، آرڊيننس، 1993 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**شيڊول**

(ڏسو دفعہ 1(2))

**ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي جي دائره اتيار ۾ ايندڙ علائقا:**

**يونين ڪائونسلز ۾ ايندڙ علائقا:**

(i) يونين ڪائونسل، ابراهيم حيدري

(ii) يونين ڪائونسل، لانڍي

(iii) يونين ڪائونسل، درساٽو چنو

(iv) يونين ڪائونسل، گڏاپ

(v) يونين ڪائونس، ٿاٽو

(vi) يونين ڪائونسل، ڪونڪر

(vii) يونين ڪائونسل، موئيدان

(viii) يونين ڪائونسل، سونگل

(ix) يونٽ نمبر 100 جي ملت گارڊن

(x) ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن يونٽ نمبرس 94 ۽ 95 بشمول يونٽ نمبر 102 جو صاحب داد ڳوٺ

(xi) ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن يونٽ نمبرس 88، 90، 91، 92، 93 ۽ 73 علاوه برمي ڪالوني، شريف ڪالوني، ليبر ڪالوني، عوامي ڪالوني ۽ صنعتي علائقا

(xii) ڳوٺ يعني پير بخش ڳوٺ، هاشم ڳوٺ، پنهور ڳوٺ،

اسماعيل ڳوٺ ۽ جمال ڳوٺ.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**